SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1978

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1978

سنڌ منع نامو آرڊيننس، 1978

THE PROHIBITION ORDINANCE, 1978

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. نشيدار جي جوڙجڪ وغيره تي پابندي

Prohibition of manufacture, etc., of intoxicating liquors

4. هڪ مسلمان شهري طرفان پاڻيٺ واپرائڻ تي پابندي

Prohibition of consumption of intoxicating liquor by Muslim Citizen

5. عام جڳهن تي اهنجائڻ جي بنياد تي گرفتار ڪرڻ لاءِ سزا

Punishment for vexatious arrest at a public place

6. جهليل ڏوهي کي دير سان اختياري وارن حوالي ڪرڻ تي سزا

Punishment for vexatious delay

7. ضبط ڪرڻ لائق شيون

Things liable to confiscation

8. ضبطگي جو حڪم ڪيئن ڏنو ويو

Confiscation how ordered

9. قابل سماعت ڏوهه، وغيره

Cognizance of offences, etc

10. طبي يا ٻين جائز مقصدن لاءِ لائسنس

Licenses for bonafide medical or other purposes

11. ڪجهه تنظيمن کي لائسنس ڏيڻ

Licenses to certain organizations

12. لائسنس جا قسم ۽ شرط

Forms and conditions of licenses

13. لائسنسز رد يا ملتوي ڪرڻ جو اختيار

Power to cancel or suspend licenses

14. لائسنسز جي شرطن جي پيڇڪڙي تي ڏنڊ

Penalty for the breach of conditions of licenses

15. عملدارن جي مقرري

Appointment of officers

16. سرچ وارنٽس جاري ٿيڻ

Issue of search warrants

17. داخل ٿيڻ لاءِ رندڪ ڪرڻ تي طاقت جي استعمال جو اختيار

Power to use force in case of resistance to entry

18. ڏوهارين جي تلاشي ۽ کين تحويل ۾ ونڻ

Searches and custody of offenders

19. وقتي عملدار (Prohibition Officer) جا اختيار

Powers of Prohibition officer

20. ضمانت

Indemnity

21. ٻين قانونن کي ختم ڪرڻ لاءِ آرڊيننس

Ordinance to override others

22. قاعدا جوڑڻ جو اختيار

Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1978

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1978

سنڌ منع نامو آرڊيننس، 1978

THE PROHIBITION ORDINANCE, 1978

[15 مارچ 1978]

نشيدار پاڻيٺ جي ناهڻ، وڪرو ڪرڻ ۽ واپرائڻ تي پابندي جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

جئين تہ 1977 جو پروهيبيشن ايڪٽ انهيءَ وقت پارليامينٽ جاري ڪيو جڏهن اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 280 جي روشني ۾ هنگامي حالتن وارو اعلان نافذ ٿيل هيو؛

۽ جيئن تہ 15 سيپٽمبر 1977 وارو ايمرجنسي بابت اعلان عمل پذير ٿي چڪو آهي، ان ڪري اها تقاضا آهي تہ هن آرڊيننس جي ختم ٿيڻ واري تاريخ کان 6 مهينا اڳ هن ايڪٽ کي صوبائي قانون طور نافذ ڪيو ويجي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم سان

ملائي پڙهيو ويجي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

باب I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ منع نامو آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

Short Title and commencement

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ سمجهيو ويندو ته اهو 15 مارچ 1978 کان لاڳو آهي.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي ته:

(a) "بوتل" مطلب شراب کي ڪنهن ٿانو مان هڪ بوتل، برني، ٿانو يا وڪري لائق بٹائڻ لاءِ ساڳئي قسم جي ڪنهن شئي ۾ وجهڻ، پوءِ جوڙجڪ جو ڪو طريقو استعمال ڪيو وجي يا نه، ۽ جنهن ۾ شامل آهي ٻيهر بوتلن ۾ پيرڻ.

(b) "ڪليڪٽر" مطلب ڪو شخص جيڪو هن آرڊيننس تحت ڪليڪٽر جا ڪم ۽ اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي.

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "نشيدار پاڻيٺ" جنهن ۾ شامل آهن، ٽرو، شراب جا اسپرٽ، شراب، بيئر ۽ بيمار ڪندڙ پاڻيٺ جيڪي الڪوهل تي مشتمل هجن يا جن ۾ نشي لاءِ عام طور تي الڪوهل شامل ڪيو ويندو هجي؛

(e) "بناوت" جنهن ۾ شامل آهي هر طريقو پوءِ اهو قدرتي هجي يا هٿرادو جنهن ذريعي کا نشيدار پاڻيٺ تيار ٿيندي هجي، تيار ڪئي ويندي هجي يا ملائي ويندي هجي، ۽ پڻ ٻيهر صفائي ڪجي، هر اهو عمل جيڪو نشيدار پاڻيٺ جي صفائي لاءِ استعمال ٿيندو هجي.

(f) "هنڌ" جنهن ۾ شامل آهي هڪ گهر، چاپرو، احاطو، عمارت، دڪان، خيمو يا گاڏي وغيره.

(g) "پوليس استيشن" ۾ اها جڳهه شامل آهي، جنهن کي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ پوليس استيشن جو درجو ڏنو هجي.

(h) "وقتي عملدار" مطلب اهو شخص جيڪو حڪومت طرفان وقتي عملدار "Prohibition Officer" مقرر ڪيو ويو هجي ۽ جنهن ۾ ڪليڪٽر به شامل آهي.

(i) "عام جاءِ" مطلب هڪ گهٽي، روڊ، پاڻي تي ورتل، پارڪ، باغ يا ڪو ٻيو هنڌ جيڪو عوام طرفان مفت ۾ استعمال ٿيندو هجي.

(j) "شراب سازي" جنهن ذريعي نشيدار پاڻيٺ شفاف بڻائي وجي، ان کي رنگ ڪيو وجي يا ڪنهن ملاوتي سامان ذريعي ان ۾ ڪو ذائقو پيدا ڪيو وجي.

(k) "وڪرو" يا "وڪرو ڪرڻ" ۾ شامل آهي ڪنهن تحفي يا ٻئي طريقي منتقلي، ۽

(l) "ٽرانسپورٽ" مطلب هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ.

باب II

منع ناموءِ ڏنڊ

نشيدار پاڻيٺ جي جوڙجڪ وغيره تي پابندي

Prohibition of manufacture, etc., of intoxicating liquors

3. (1) ڪير به هجي:

(a) درآمد ڪري، برآمد ڪري، منتقل ڪري، نشيدار پاڻيٺ ٺاهي، شراب ٺاهڻ جا طريقا ڪم آڻي، يا

(b) بوتلون ءِ وڪري جي مقصد لاءِ نشيدار پاڻيٺ، يا

(c) نشيدار پاڻيٺ وڪرو ڪري ٿو، يا

(d) پنهنجي قبضي هيٺ علائقي ۾ مٽي جاڻايل ڪمن مان ڪنهن هڪ جي به اجازت ڏئي ٿو.

ڏنل دفعات موجب، ڏوهن جي سزا قيد هوندي، جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ سميت جيڪا ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي، يا ٻئي گڏ.

(2) ذيلي دفعه (1) ۾ جاڻايل ڪجهه به ڪنهن ڊپلوميٽڪ ايجنٽ طرفان نشيدار پاڻيٺ درآمد يا اهڙي ايجنٽ طرفان واپرائڻ تي لاڳو نه ٿيندو.

وضاحت: هن ذيلي دفعه ۾ "ڊپلوميٽڪ ايجنٽ" جي معني اها ساڳي آهي، جيڪا ڊپلوميٽڪ ءِ قونصلر مراعات ايڪٽ، 1972 (1972 جو IX) ۾ جاڻايل آهي.

هڪ مسلمان شهري طرفان شراب واپرائڻ

4. ڪو به مسلمان شهري جيڪو نشيدار پاڻيٺ واپرائي ٿو اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا 6 مهينن

تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.	تي پابندي Prohibition of consumption of intoxicating liquor by Muslim Citizen
5. (1) ڪو به عملدار ڪنهن به اهڙي شخص کي عوامي هنڌ تان دفعہ 4 جي پيڪڙي ڪندي ۽ ان جي اثر هيٺ نشيدار پاٽيٽ واپرائڻ جي الزام ۾ جهلي گرفتار نٿو ڪري سگهي، جيستائين هو اهڙي شخص کي اهڙي عمل لاءِ ميڊيڪل پريڪٽيشنر وٽ پيش ڪري، ان عمل جي تصديق نٿو ڪرائي ته هو واقعي ان عمل ۾ ملوث آهي، ڇڪاس ڪندڙ ميڊيڪل پريڪٽيشنر طرفان اهڙي تصديق ڪئي وڃي ٿي ته هو اهڙي اثر هيٺ آهي.	عام جڳهن تي دل اهنجائڻ جي بنياد تي گرفتار ڪرڻ لاءِ سزا Punishment for vexatious arrest at a public place
(2) جيڪو به ذيلي دفعہ (1) جي پيڪڙي ڪري ٿو اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو، جيڪا ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو پنج سئو رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.	
6. ڪو عملدار يا شخص جيڪو هن آرڊيننس تحت بااختيار بڻايو ويو آهي ۽ ڪنهن کي گرفتار ڪري ٿو ۽ اڳيان گرفتار ڪيل ماڻهو ۽ هٿ ڪيل سامان پيش ڪرڻ ۾ جاڻي واڻي يا غير ضروري طور دير ڪري ٿو ته اهو هن آرڊيننس تحت سزا	جهليل ڏوهي کي دير سان اختياري وارن حوالي ڪرڻ تي سزا Punishment for

vexatious delay

جو مستحق هوندو جيڪا ڏنڊ جي صورت ۾ هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي.

ضبط ڪرڻ لائق شيون

Things liable to confiscation

7. ڪنهن به صورت ۾، هن آرڊيننس خلاف ٿيندڙ ڏوهه جي نتيجي ۾ ظاهري طور نشيدار شراب، ٿانو يا اهي شيون جن ذريعي ڏوهه ڪيو ويو، اهي ضبط ڪيون ويندیون ۽ ان سان گڏوگڏ اهو سامان، ٿانو، جانور يا اها سواري جنهن کي ان ڪم ۾ استعمال ڪيو ويو هجي، ضبط ٿي ويندا.

هن آرڊيننس ذريعي جانور، گاڏي، گاڏي يا ٻي سواري تيستائين ضبط نه ڪئي ويندي، جيستائين انچارج فرد يا ان جو ڪو سبب ڄاڻائي ته اها گاڏي، جانور، شراب يا ٿانو جو استعمال ان ڏوهه ۾ ڪيو ويو آهي.

ضبطگي جو حڪم ڪيئن ڏنو ويو

Confiscation how ordered

8. (1) ڪنهن به صورت ۾ جيڪڏهن ڪا شئي هن آرڊيننس تحت ضبط ڪئي ٿي وڃي، ته ڪورٽ ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي ڏوهه جو جوابدار ڄاڻايل شخص کي ضبطگي جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، پوءِ ڇو نه جوابدار الزام لڳايل ڏوهه کان آجو ڪيو ويو هجي.

(2)جڏهن ڪو ڏوهه هن آرڊيننس جي خلاف ڪيو وڃي ۽ جوابدار اٽڇاتل هجي يا نه ليڪي سگهي، يا هن آرڊيننس تحت ضبط ڪيل ڪا شئي ڪنهن شخص جي قبضي هيٺ نه هجي ته پوءِ ڪيس جي سلسلي ۾ اها مطمئن ڪندڙ نه ڪٿي ويندي، معاملي جي ڪليڪٽر يا ضلعي جو وقتي عملدار يا حڪومت طرفان مجاز ٻڌايل ڪو ٻيو عملدار ان سلسلي ۾ جاچ ڪرائي سگهي ٿو جيڪو اهڙي ضبطگي جو حڪم ڏئي

سگهي ٿو.

بشرطيڪ ضبط ٿيندڙ شين جي بند ٿيڻ جي تاريخ کان پندرنهن ڏينهن تائين اهڙو ڪو حڪم نه ڏنو ويندو يا انهن ماڻهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ، جيڪڏهن ڪو هجي، اهڙي ڪنهن حق ۽ شاهدي جي دعويٰ لاءِ، جيڪڏهن ڪا هجي، جيڪي اهي اهڙين دعوائن سان گڏ پيش ڪن ٿا.

قابل سماعت ڏوهه، وغيره

Cognizance of offences, etc

9. (1) جيستائين ڪجهه ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جو ايڪٽ V) جي متضاد نه هجي، هن آرڊيننس تحت سزا جوڳي ڏوهه تي ازالي لاءِ ڪو به قدم نه کنيو ويندو جيستائين هن دفعه تحت ڪو قدم نڪو کنيو وڃي.

(2)هيٺيان ڏوهه ٻڌڻي لائق هوندا، يعني:

(a) ڏوهه جيڪو دفعه 3 تحت سزا جوڳو هوندو؛ ۽

(b) ڏوهه جيڪو دفعه 4 تحت سزا جوڳو هوندو، جيڪڏهن ڪنهن عام جاءِ تي ڪيو ويو هجي.

(3) ڪا به عدالت اهڙي ڏوهه جي ٻڌڻي نه ڪندي، جيڪو هيٺين ريت سزا جوڳو هوندو:

(a) دفعه 5 ۽ 6 مطابق جنهن کي تحفظ مليل آهي ۽ ڪنهن طرفان درخواست ڪئي وڃي ٿي جنهن خلاف ڏوهه ڪيو ويو آهي؛

(b) دفعه 14 تحت ڪيل شڪايت يا جيڪا اختياري مطابق

ڪئي وئي هجي، هڪ وقتي عملدار ڪئي هجي.

باب III

طبي يا ساڳئي قسم جي مقصدن لاءِ لائسنس

طبي يا ٻين جائز مقصدن لاءِ لائسنس

Licenses for bonafide medical or other purposes

10. حڪومت يا حڪومت جي هٿ هيٺ، ڪليڪٽر اهڙي ڪنهن شخص يا لاڳاپيل اداري يا شخص کي، پوءِ اهو سرڪاري انتظام هيٺ هجي يا نہ، انهن کي نشيدار شين جي بنائڻ، برآمد ڪرڻ، درآمد ڪرڻ، منتقل ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ يا ڪنهن بہ نشيدار پاٽيٽ يا شئي جي قبضي هيٺ رکڻ جو لائسنس ڏئي سگهي ٿي/سگهي ٿو جيڪي طبي، سائنسي، صنعتي يا ساڳين اهڙن ٻين مقصدن ۾ استعمال ٿي سگهندا، اهو لائسنس اهڙي ماڻهو کي ڏنو ويندو جنهن جو ذڪر هن آرڊيننس جي دفعہ 4 ۾ ڪيو ويو آهي.

ڪجهہ تنظيمن کي لائسنس ڏيڻ

Licenses to certain organizations

11. سرڪار يا ان سلسلي ۾ مجاز ٻڌايل ڪو عملدار، پاڪستان ۾ قائم ڪيل ڪنهن تنظيم کي هوائي رستي يا ساموندري رستي سفر ڪندڙ مسافرن جي خدمت لاءِ نشيدار پاٽيٽ فراهم ڪرڻ جو لائسنس جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو پاڪستان جو ڪو مسلمان شهري نہ هجي.

لائسنس جا قسم ۽ شرط

Forms and conditions of licenses

12. هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل هر لائسنس ۽ اجازت نامو:

(a) اهڙي فيس جي ادائگي تي جاري ڪيو ويندو جيڪڏهن ڪا هجي، اهڙي وقت ۽ شرطن مطابق جيڪي مقرر ڪيا ويندا، ۽

(b) اهڙي صورت ۾ هوندو ۽ ان ۾ اهڙا تفصيل شامل هوندا.

جيڪڏهن حڪومت طرفان هدايت ڪئي وئي هوندي، پوءِ اها سين لاءِ هجي يا ڪنهن مخصوص ڪيس ۾ ڏني وڃي.

لائسنسز رد يا ملتوي ڪرڻ جو اختيار

13. (1) ڪليڪٽر کي لائسنس رد يا مهمل ڪري سگهي ٿو:

(a) جڏهن لائسنس بردار فيئر نه پري، يا

Power to cancel or suspend licenses

(b) لائسنس رکندڙ طرفان ڪنهن پيڪڙي جي صورت ۾ يا ان جي نوڪرن يا ان سلسلي ۾ ذميوار بڻايل کي شخص لائسنس جي شرطن شروطن بابت پيڪڙيءَ جو اظهار ڪري يا لائسنس جي شرطن بابت پيڪڙيءَ جو ڪا ڳالهه ڪري يا اجازت ڏئي، يا

(c) جيڪڏهن لائسنس بردار هن آرڊيننس جي پيڪڙي واري ڪنهن ڏوهه ۾ سزا پوڳي ٿو، يا

(d) جيڪڏهن لائسنس ڏيڻ جو جواز ختم ٿي وڃي ٿو.

(2) جيئن ۽ جڏهن کي لائسنس دفعه (1) تحت رد ڪيو وڃي ٿو ته، لائسنس بردار اهڙي صورت ۾ نشيدار شين جي اسٽاڪ بابت ڪيلڪٽر کي آگاهه ڪندو، جنهن تي ڪليڪٽر جي هدايت مطابق شراب جو اسٽاڪ سندس طرفان مجاز بڻايل شخص يا سندس حوالي ڪندو.

لائسنسز جي شرطن جي پيڪڙي تي ڏنڊ

14. اهڙي صورت ۾ جڏهن لائسنس بردار يا سندس نوڪر اهڙي پيڪڙي ڪن ٿا، يا ان جو اظهار ڪن ٿا، جيڪا لائسنس جي شرطن ۽ شروطن جي خلاف آهي، ته اهو لائسنس

Penalty for the breach of conditions of licenses

بردار لائسنس جي رد ٿيڻ واري سزا سان گڏ جيل ۾ اماڻي سگهجي ٿو جنهن جو مدو وڌائي ڇهه مهينا ڪري سگهجي ٿو يا مٿس ڏنڊ ۾ مڙهي سگهجي ٿو جيڪو وڌائي ڏهه هزار رپيا ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي سزائون ۾ ڏئي سگهجن ٿيون، جيستائين ته هو اهو ثابت ڪري ته هن اهڙي پيڇڪڙي نه ڪئي آهي، هن طرفان يا هن جي نالي تي اهڙي پيڇڪڙي ڪندڙ کي جيڪا هن مالڪ جي اطلاع کانسواءِ ڪئي آهي، اهو پڻ ساڳي سزا جي لائق هوندو.

باب IV

جوڙجڪ ۽ ضابطو

عملدارن جي مقرري

Appointment of officers

15. حڪومت، وقت بوقت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي:

(a) هڪ عملدار مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪو نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل ڪنهن مخصوص علاقي ۾ هن آرڊيننس تحت ڪليڪٽر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙي علاقي ۾ آرڊيننس جي شرطن موجب انتظام سنياليندو.

(b) اهڙن عهدن، اختيارن ۽ ذميوارين لاءِ عملدار مقرر ڪيا ويندا، جيئن حڪومت سمجهندي ته اهي ڪليڪٽر يا ٻين وقتي عملدارن (Prohibition Officer) جي هٿ وندائڻ لاءِ موزون آهن.

(c) هن آرڊيننس تحت ڪنهن وقتي عملدار کي سندس سمورا يا ڪجهه اختيار منتقل ڪيا ويندا.

باب V

اختيار، ذميواريون ۽ عملدارن جو طريقيڪار، وغيره.

سرچ وارنٽس جاري ٿيڻ
Issue of search warrants

16. (1) جيڪڏهن ڪو ڪليڪٽر، وقتي عملدار يا مئجسٽريٽ، مليل ڪنهن اطلاع تي ۽ اهڙي جاچ ڪانپوءِ جيڪا هو ضروري سمجهي، ڪيس اهو مڃڻ جو ڪو سبب آهي ته دفعہ 3 تحت ڪو ڏوهہ ڪيو ويو آهي، ته اهو اهڙي شراب، نشيدار شين ۽ ان ۾ ڪتب ايندڙ اوزارن جي جاچ جي سلسلي ۾ وارنٽ جاري ڪري سگهي ٿو.

بشرطيڪ، اهڙا وارنٽ جاري ڪرڻ کان اڳ، ڪليڪٽر، وقتي عملدار يا ماجسٽريٽ خابرو کان حلف تي بيان ونڊندو ۽ انهيءَ جاچ نتيجي کي لکت ۾ قلمبند ڪيو ويندو، جنهن تي خابرو ۽ ڪليڪٽر، وقتي عملدار يا ماجسٽريٽ پڻ صحيح ڪندا.

(2) اهو ماڻهو جنهن کي وارنٽ جي تعميل ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي سو جاچ ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن کي گرفتار ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن ان کي مناسب سمجهي ٿو ته، ڳولا واري جاءِ تي موجود ماڻهوءَ کي گرفتار ڪري سگهندو، جيڪڏهن هن سمجهيو ته انهيءَ ماڻهوءَ هن آرڊيننس جي دفعہ 3 هيٺ ڏوهہ ڪيو آهي.

داخل ٿيڻ لاءِ رندڪ تي طاقت جي استعمال جو اختيار
Power to use force in case of resistance to entry

17. جيڪڏهن ڪو آفيسر بااختيار بڻايو ٿو وڃي ته هو دفعہ 16 هيٺ ڪنهن جڳهہ ۾ داخل ٿئي، ته اهو ان لاءِ بااختيار هوندو ته هو دروازو ٽوڙي سگهي ٿو، دربون پيڃي سگهي ٿو يا کي ٻيون رندڪون هٽائي سگهي ٿو ته جيئن هو انهيءَ جڳهہ ۾داخل ٿي سگهي.

ڏوهارين جي تلاشي ۽ کين تحويل ۾ وٺڻ
Searches and custody of offenders

18. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن مطابق سموريون تلاشيون ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جو ايڪٽ V) جي روشني ۾ ڪيون ويندیون.

(2) هر اهو ماڻهو جنهن کي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جو ايڪٽ V) جي روشني ۾ ضمانت لاءِ گرفتار ڪيو ويو آهي، ان کي نزديڪ ترين پوليس ٽاڻي تي رکيو ويندو.

وقتي عملدار (Prohibition Officer) جا اختيار
Powers of Prohibition officer

19. هن ايڪٽ جي روشني ۾ مليل اختيارن کانسواءِ ڏوهه جي جاچ پڙتال ڪرڻ دوران وقتي آفيسر کي اهي سمورا اختيار حاصل هوندا، جيڪي پوليس اسٽيشن جي انچارج آفيسر کي مليل آهن.

باب VI
متفرقات

ضمانت
Indemnity

20. حڪومت، پوليس آفيسر، وقتي آفيسر يا ڪنهن ٻئي آفيسر جيڪڏهن نيڪ نيتي سان هن آرڊيننس جي روشني ۾ ڪو قدم کنيو آهي تہ انهيءَ خلاف نہ تہ ڪيس ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري کا قانوني ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي.

ٻين قانونن کي ختم ڪرڻ لاءِ آرڊيننس
Ordinance to override others

21. جيڪڏهن لاڳو قانون جي منحرف نہ آهي تہ پوءِ هيءُ آرڊيننس هر ڳالهہ تي اثر انداز ٿيندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

22. (1) گورنمينٽ آفيشل گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ڇاپي هن آرڊيننس کي لاڳو ڪرڻ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

(2) خاص طور تي ترميم هيٺ آندل آرڊيننس جي گنجائش جي تضاد ۾ اچڻ کانسواءِ حڪومت هن ريت قاعدا جوڙي سگهي ٿي:

(a) لائسنس ءِ پرمٽون جاري ڪرڻ ۽ انهن جا شرط لاڳو ڪرڻ

(b) هن حڪم نامي جي اغراض و مقاصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ وقتي آفيسر کي بااختيار بڻائڻ

(c) وقتي آفيسر جي جاچ پڙتال لاءِ ان جي دائره اختيار جو تعين ڪرڻ

(d) ڪنهن به آفيسر کي هن آرڊيننس تحت اختيار ڏيڻ يا ڪم سونپڻ

(e) ڪليڪٽرن يا وقتي آفيسرن کي هن آرڊيننس جي روشني ۾ ڏنل اختيارن باضابطه بڻائڻ

(f) اهو واضح ڪرڻ ته ڪهڙن ڪيسن يا ڪيسن جي ڪهڙن قسمن بابت ڪهڙيون اختياريون اپيلون ٻڌي حڪم ڏئي سگهنديون، اها اصلي هوندي يا اپيليٽ هوندي، جنهن تي هن آرڊيننس جي روشني ۾ حڪم جاري سگهبو، يا ڪنهن جوڙيل قاعدي جيڪو اختياري ٺاهيو هجي، پر ڪنهن

ڪورٽ جي طرفان نہ هجي، يا ڪهڙيون اختياريون انهن فيصلن تي نظرثاني ڪري سگهن ٿيون ۽ ان بابت ڪو ٽائيم مقرر ڪري سگهن ٿيون يا اپيلن پيش ڪرڻ جو ڏنگ ٻڌائي سگهن ٿيون ۽ انهن تي ڪارروائي ڪري سگهن ٿيون.

(g) ضبط ٿيل شين جو نيڪال ۽ ان جو طريقيڪار طئي ڪرڻ

(h) هن ايڪٽ جي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (1) تحت ڪنهن ماڻهوءَ کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.